سال : ۲۱ انڪ : ۲۱ جون ۲۰۱۰ Price Re 1/- RNI NO. 47090/88

KAP
Connecting Amil Community Worldwide

# عامل سماچار

سنڌي سمپادڪ : شريمتي پونم چندرو ملاڻي

## اڄ جو ويچار

● توهين سڀني کي پيار ڏيو. موٽ ۾ پيار جي اُميد نہ رکو. ڪرم ڪندا رهو. ڦل جي اِڇا نہ رکو. ائين ڪرشن گيتا ۾ چيو آهي، جنهن جي غلطي ٿئي اُن کي معاف ڪري ڇڏيو. ائين ڪرڻ سان توهان جي موڊ خراب نہ ٿيندي ۽ توهان جي من ۾ شانتي رهندي.

# ڇا سنڌي ٻولي سچ پچ پوين پساهن تي آهي ؟

١٦ مئي جي ٽائيمس آف انڊيا جي پيج ٦ جي، محمد وجاحدين جي ليکہ پڙهي مونکي پنهنجن خيالات کي قلم بند ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي. مونکي پڙهندي ڏک بہ ٿيو تہ هند ۾ رهندڙ سنڌين جي سنڌي ٻوليءَ جي سکيم حالت ڪيئن هڪ مسلمان ڀاءُ، پاڪستان مان هجي يا دنيا جي ڪنهن بہ ڪُنڊ ڪُڙڇ مان هجي لکي سگهي ٿو ؟ جيتوڻيڪ هن سنڌي فلم ’’هٽ نہ لڳائي‘‘ ويجهڙائيءَ ۾ رليز ٿيل فلم بابت لکندي سنڌي ٻوليءَ جي پوين پساهن کڻڻ تي لکيو آهي. پر حقيقت ۾ سنڌي ٻوليءَ کي وري ساهہ ڦوڪڻ جي سُجهاون لاءِ مجبور ڪن ٿيون. هڪ ڪروڙ سنڌي پنهنجي وجود کي ڪئا سنڀالي سگهون ؟ اسان هيڏا اِسڪول، ڪاليج، مندر ٺاهيا بر جنهن ٻوليءَ ۽ سڀيتا جي ڪري اسين سنڌي چوايون ٿا، اُن کي سچ پچ زنده رکڻ لاءِ ڇا ڪيو اٿئون ؟ رڳو پئسا دان ڪرڻ سان اسانجي جوابداري لهي ٿي وڃي ؟ اسين پنهنجن اؤلاد کي اسانجي سچي خزاني، ساهيہ جي خزاني کان وانجهيل رکون ٿا. پنهنجن ٻارن کي انگريزي، هندي يا مڪاني ٻوليءَ جي اسڪول ۾ داخلا ڏياري خوش پيا ٿيون تہ سندن آئيندو روشن آهي. پر هنن جو بہ کهڙو ڏوهہ ؟ اسڪولن، ڪاليجن مان سنڌي گم ٿي ويئي آهي، گهرن ۾ ٻولي ڳالهائجي ڪونہ ٿي. اَنتي ۾ لوڻ سمان سنڌي ساهتيہ ۽ ٻوليءَ لاءِ ڪاريہ ڪن پيا. اسانجو وجود ورهاڱي مهل بہ تتر بتر ٿي پيو پر اسانجي بزرگن، ساهتيہ ۽ ٻوليءَ جي شيدائين اسانکي ٻولي ۽ ساهتيہ جي ذريعي ڄڻ مالا کي هڪ ڌاڳي ۾ پوئيو. تڏهن تہ اسانجي آرٿڪ، سياسي، سماجڪ حالت هيٺي هئي، پر اڄ اسين هر ڳالهہ ۾ اَڳرا آهيون پوءِ ڇو ٻولي ۽ ساهتيہ پويان پساهہ کڻي رهيو آهي ؟ اسين پنهنجي پئسي ۽ پوزيشن سان ڪيترو ڪري سگهون ٿا. پر سچي ڳالهہ تہ اهو جنون ڪونهي جو ٥٠-٦٠ سال اڳ ۾ اسانجي وڏڙن ۾ هو. مون ننڍي هوندي کان گهر ۾ ساهتيہ ۽ ساهتيڪارن جو ماحول ڏٺو آهي. منهنجا پوجيہ پتا صاحب ۽ ماتا صاحب، شري ڄيٺانند ڀاونداس لعلواڻي ۽ سشيلا لعلواڻي جي ليکن، ڪتابن، گرنٿن ۽ ساهتيڪ اَدارن ۾ ساهہ کنيو آهي، مان پنهنجي وٽ کان ٻاهر سنڌي ٻوليءَ لاءِ

پهرين نوڪري، پوءِ ڇوڪري

ڪاريه ڪري رهي آهيان. سنڌي ڪلاس جوانن لاءِ هلائي رهي آهيان، ليک ڪتاب، سمپادڪي آرٽيڪل پاڻڪن اڳيان پهچائي رهي آهيان پر لڳي ٿو اڄڪلهه انڌن اڳيان آرسيءَ جو مثال سچو ٿي رهيو آهي. هو پنهنجو عڪس ڏسي نٿا سگهن. ڳالهائڻ لاءِ گهٽيئي آهن، ڪانفرنسون، اَدارن ۾ ڳالهائڻ لاءِ، انعام وٺڻ لاءِ گهٽيئي آهن باقي روزاني زندگيءَ ۾ سنڌي اَپنائڻ لاءِ ٿورا ڪي آهن ؟ ڇا اسين سڀ ديوناگري، عربي، رومن جا ويڇا وساري ڪجهه گڏجي نٿا ڪري سگهون ؟ اسٽيج تي چڙهي ليڪچرن ڪان وڌيڪ سماج ۾ گهسي، گهر ۾ گهڙي هڪ هڪ کي اَباڻي ورثي جي يادگيري ڏياريون، جي ٻار ٻيون ٻوليون سکي سگهن ته ڇو نه پنهنجي مادري ٻولي جا مٺي ۽ سٺي آهي، سکون. نالي ۾ سنڌي نه پر سچ پچ هر ڳالهه ۾ سنڌي سهڻا ٿي ڏيکاريون.

اڄ ڪرم ڪرڻ جو وقت آهي ڳالهائڻ جو نه، نه ته پوين پساهن تي مٺي ٻولي هميشهه لاءِ بي آواز ٿي ويندي. اهو سوچ شل سچو نه ٿئي اڃان اُميد قائم آهي !

ليکڪا : پونم چندرو ملاڻي

# ڀارت ۾ سنڌي ڌرمشالائون

هڪ سڄڻ ڇيو جيئن ته هردوار ۾ ڪنڀ جو ميلو لڳو پيو آهي ”رام ! تون مونکي جيڪي ڌرمشالائون هردوار ۾ آهن اُن بابت خبر چار ڏيندين ؟“

جيئن ته سنڌي دان ڀڄ ۾ مشهور آهن، هندستان جي هر ڪنهن شهر ۾ سنڌين جون ڌرمشالائون آهن. مان توهانکي خاص شهرن ۾ جيڪي ڌرمشالائون آهن انهن جي لسٽ ڏيان ٿو، جيئن توهين پورو فائدو وٺي سگهو.

**هردوار :**

١) بابا سنت هرداس رام ڌرمشالا، اسٽيشن جي ويجهو، هردوار
٢) شري جڳت نواس - مودي ڀون ويجهو
٣) فلوري ڏام راءِ بهادر سيٺ نرنداس
٤) جهولي لال ڌرمشالا، چترا سنيما ويجهو
٥) لڪشمي ٻائي سيٽلداس ڌرمشالا، بري سبزي منڊي رام گهاٽ ويجهو
٦) نول ٻائي ڌرمشالا
٧) سنت ڪنوررام ڌرمشالا
٨) سيٺ ڪلياڻداس والا ڌرمشالا، شري چيتنديو ڪٽيا سامهون، ڪنڪل، هرداور
٩) شڪارپوري ڌرمشالا، سبزي منڊي ويجهو، گنگا سنيما ڀنيان، مين روڊ.
١٠) شري چنديرام سنڌي ڌرمشالا، سول اسپتال سامهون، مين روڊ.
١١) شري چينديو آشرم، ڪنڪل
١٢) شري هريرام نواس، چترا سنيما ويجهو
١٣) شري لالچند جوڪني سنڌي ڌرمشالا، مترا گڏ روڊ، گنگا مندر ويجهو، ڪنڪل
١٤) شري موتيرام ڏام چترا سنيما ڀنيان
١٥) شري ساڌ ٻيلا آشرم، هرنام نواس، سپت سروور، سپت رشي روڊ
١٦) شري ٽلوڪچند گاگنداس، ڀواني سنڌي ڌرمشالا، رام گهاٽ.
١٧) شريمتي چندي ٻائي ڌرمشالا، اسٽيشن روڊ
١٨) شريمتي ديوي ٻائي ڌرمشالا، سول اسپتال ڀنيان، مين روڊ
١٩) سنڌ پنجاب ڪشير پيمگورا

ڀارو آهي ابي امڙ جي آچار

٢٠) سنڌي پئنچات ڌرمشالا، چترا سنيما پنيان،

٢١) سنڌي پانشالا ڌرمشالا

٢٢) سيتلداس وشني ڀائي ڌرمشالا

٢٣) سکر پئنچات ڌرمشالا، بول گري روڊ، گيتا ڀون مندر پنيان

٢۴) سوامي مڌوسودن سنڌي ڌرمشالا، ڪنکل

٢۵) سوامي پرمانند پنڊار ڪنکل

٢٦) سوامي سروانند مهراج پريم پرچار آشرم

٢۷) سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش منڊل آشرم

## رشي ڪيش

١) شري پرمانند ڏيپچند هندوجا سنڌي ڌرمشالا

٢) سنڌ پنجاب کيترا، رشي ڪيش

## ناسڪ سٽي

١) بابا ڪٽ واري ڌرمشالا، پنچوٽي، ممبئي آگرا روڊ

٢) پيگت ڪنوررام سنڌي ڌرمشالا

٣) گرونانڪ ڌرمشالا شيوا ڪنج گئوشالا، اُپنگر

۴) جئہ شري رام ڀون، ۵ امرت چئمبرس ماليگائون اسٽڊ، پنجوٽي

۵) جئہ سنگهہ ڀون سنڌي ڌرمشالا

٦) شيوا ڪنج ڌرمشالا، گئوشالا سامهون، پنجوٽي، ممبئي آگرا روڊ

۷) شري آڏواڻي ڌرمشالا، رام گهاٽ، پنچوٽي

٨) شري جواهري سنڌي ڌرمشالا ٽپوبن روڊ، پنچوٽي.

٩) زيوري خانچند ڌرمشالا، گٽيشواري پنچوٽي

١٠) شري راڌا ڪشن موٽومل ڌرمشالا، پنچوٽي ڦوهارا، ٽپوبن روڊ.

١١) سوامي ٽيئونرام آشرم

## اُجين

١) الکہ ڌام سنڌي ڌرمشالا، فري گنج

٢) گيتا ڀون ڌرمشالا

٣) جيڪبآباد سنڌي ڌرمشالا، نانڪ منڊي تارا

ڪٽُان

۴) شري نيٽومل گاگنداس چينواڻي ٽرسٽ سنڌي ڌرمشالا

۵) سنڌي ڌرمشالا جواهر لئبرري ويجهو

٦) سنڌي هندو ڌرمشالا، اکل ڌام گردرا ماڏونگر

۷) سنڌي نيوجيون منڊل ڌرمشالا

## اللهہآباد

١) سيٺ ليکراج مندناڻي فئملي ۽ ڀانجو ديال ڌرمشالا، اي/۴/۴ لُکر گنج

٢) سنڌي چاڻوالا پئنچات ڌرمشالا (ڌارا گنج)

٣) سنڌي ڌرمشالا لاگرداباد

۴) سنڌي پئنچات ڌرمشالا، تروني

۵) شريمتي اندرا ديوي سنڌي ڌرمشالا ڌارا گنج

## بندرابن

١) لڌارا بانڪيلال سنڌي ڌرمشالا چتي گرام

٢) سنت شري آسارامجي شري بابا سرنداس سنڌي ڪٽيا، مهاتما گانڌي روڊ.

٣) شڪارپوري سنڌي ڌرمشالا، ريلوي اسٽيشن پنيان

۴) سنڌي ياتري نواس، گورڌن گيٽ

۵) سکر سنڌي ڌرمشالا، پُرانا شهر ڪشراپُرا

٦) سنڌي هندو ڌرمشالا، اکل ڌام گردرٻار، ماڏونگر

۷) سنڌي نوجيون منڊل ڌرمشالا

## امرتسر

١) گرو رامداس سراءِ درٻار مندر ويجهو

٢) پوج سنڌي برادري ڌرمشالا ۴٠ سپاش نگر

٣) رگهو راج سنڌي ڌرمشالا، لاکن ڌرمشالا ويجهو، ريلوي اسٽيشن سامهون.

۴) وسيامل آسومل ڌرمشالا، بينسالي لين ڪيسر بازار.

## ايوڌيا

١) سنڌي پئنچات ڌرمشالا، ايوڌيا

پنهنجي پيرن تي پاڻ کهاڙو هڻ

## بدريناٿ

۱)　هاسانند روپچند سنڌي ڌرمشالا
۲)　جوڪني سنڌي ڌرمشالا، مين بازار
۳)　سوامي شانتي پرڪاش آشرم، بس اسٽيشن ويجهو.

## پشکر

۱)　سنت ڪنوررام سنڌي ڌرمشالا
۲)　شري پيسومل سکر سنڌي ڌرمشالا برهما مندر ويجهو
۳)　شري رامچند ڪالاڻي سنڌي ساڌو آشرم
۴)　سنڌي ڌرمشالا پيني گرام چونڪ
۵)　سوامي چيتن آنند آشرم
۶)　سوامي هريرام صاحب آشرم
۷)　سوامي پريم پرڪاش منڊل آشرم
۸)　نانڪ ليکراج ڌرمشالا جهوني نگر پاليڪا ويجهو

گڏ ڪندڙ : رام سپي

# موٽي ميرچنداڻي جي مُڪان

هلندڙ ......

....... آچاريہ ڪرپالاڻيءَ سان دادا جي چڱي سڃاڻپ هوندي هئي. پر اسين حيدراباد ۽ ڪراچيءَ ۾ رهياسين ۽ آچاريہ ڪرپاڻيءَ هميشھ دهلي ۽ يو.پي ۾ هوندو هو. ۽ اتفاق سان ڪراچيءَ ۾ ايندو هو. آچاريہ ڪرپالاڻي جي هڪ ڀيڻ هئي ڪملا هيرانند ۽ ٻي هئي ڪڪي ڀيڻ. هڪڙي ٻي بہ ننڍي ڀيڻ هئي. ڪڪي ڀيڻ کي ڪراچيءَ ۾ پنهنجو ڪاڏيءَ جو دڪان هو. هن جو دڪان ۽ گهر ساڳي جاءِ ۾ هو. ۱۹۳۰ کان دادا ڀاڀي ۽ اسين چار ئي ٻار ڪاڏي پائيندا هئاسين. ڪڪي ڀيڻ جي ڪاڏي ڀنڊار جو بندوبست منهنجو پيءُ ڪندو هو. منهنجي پيءُ پنهنجي هيڊ آفيس جي ڪم سان اڪثر بنارس ويندو رهندو هو ۽ ڪڪي ڀيڻ ڪيس لسٽ ڏيندي هئي تہ ڪيس فلاڻي فلاڻي ڪاڏي کپي ۽ ڪيتري کپي - ۽ ٻيو بہ جيڪي دادا کي پسند هجي سو آڻي. بنارس مان جتان ڪڪي ڀيڻ جي ڪاڏي ايندي هئي اُن کي سڀ کو آچاريہ ڪرپالاڻيءَ جو ڪاڏي ڀنڊار ڪري چوندا هو. دادا بہ پنهنجي گهر لاءِ جيڪا ڪاڏي کپندي هئي سان ڪڪي ڀيڻ جي ڪاڏيءَ سان گڏ پنهنجي لاءِ بہ آرڊر ڪري ايندو هو.

ڪملا هيرانند سان اسان جو تمام گهرو رستو هو ۽ هوءَ منهنجي پيءُ کي وڏو ڀاءُ ڪري مڃيندي هئي. ۱۹۳۰ ۾ حيدرآبد ۾ جڏهن مومينٽ شروع ٿي هئي تہ آرتوار ڏينهن صبح جو ستين بجي پرڀات ڦيريءَ ۾ وني - گهٽين ۽ رستن تي نعرا هڻندا وڃي حيرآباد جي جيل جي ڪمپائونڊ ۾ وهندا هئاسين ۽ اُتي اسين سڀيئي ٻار نعرا هڻندا هئاسين. جنهن مان هڪڙو نعرو هو، ’ڪاهيو ڪاهيو جيل ڏانهن - ڌوڪيو ڌوڪيو جيل ڏانهن - جيل اسانجو گهر ناناڻو‘. اڌ ڪلاڪ کن نعرا هڻائي. سڀني ٻارن کي موٽائي گهرن ۾ ڇڏيندي ويندي هئي. هندستان پريس سان منهنجي پيءُ جو واسطو ورهاڱي تائين رهيو. هوُ هندستان اخبار جو پرمننيٽ ريپريسنٽيٽو رهيو ۽ ڪيس اها پاور هوندي هئي ت ڪهڙي بہ شهر مان هو تار رستي خبرون موڪلي سگهندو هو. منهنجي پيءُ جو هندستان اخبار جي سڄي اسٽاف سان سنو سنبنڌ هو. جهڙوڪ هيرانند ڪرمچند مانسنگهہ، ميلرام، گورڌن شرما، تيرٿ سپاڻي ۽ ٻيا.

هلندڙ.... (ليکڪا: تارا ميرچنداڻي)

ڀٽائچن ۾ پرميشور